میں سدھرنا چاہتا ہوں (سندھی)

DAWAT-E-ISLAMI

# مان سُڌرڻ چاهيان ٿو


شیخِ طریقت امیرِ اہلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال
مُحمّد الیاس عطّار قادری رضوی دامت برکاتہم العالیہ



مکتبۃ المدینہ
MAKTABA TUL MADINAH

شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه

جن جو اُردو زبان ۾ تحريري بيان

# مان سُڌرڻ چاهيان ٿو

ترجمو پيشڪش

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

فون نمبر: 021-34921389-90-91

E-mail: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مان سڌرڻ چاهيان ٿو*

شيطان کيتري به سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس ڪندؤ.

## نِفاق ۽ باهه کان ڇوٽڪارو

حضرت سيِّدُنا امام سَخاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل فرمائن ٿا ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ اُن تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهي، الله عَزَّوَجَلَّ اُن تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هي ٻانهو نِفاق ۽ جهنّم جي باهه کان آزاد آهي ۽ قيامت جي ڏينهن ان کي شهيدن سان گڏ رکندو. (القول البديع ص 233)

هے سب دعاؤں سے بڑھ کر دعا دُرُود و سلام
کہ دَفع کرتا ہے ہر اِک بلا دُرُود و سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

* هي بيان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه (باب المدينه) ڪراچي ۾ 27 رمضان المبارڪ (1423هه) تي ٿيڻ واري سنتن ڀريي اجتماع ۾ فرمايو، ضروري ترميم سان تحريري طور پيش خدمت آهي. مجلس مكتبة المدينه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

# جنت کپي يا دوزخ؟

امام ابو نُعَيم احمد بن عبدالله اَصفهاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّورَانِي (مُتَوفّيٰ 430 هجري) ”حِليَةُ الاولياء“ ۾ نقل فرمائن ٿا: حضرت سيدنا ابراهيم تَيمِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون اهو تصوّر ڪيو ته آئون جهنّم ۾ آهيان ۽ باهه جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهيان، ٿوهر (يعني زهريلو ڪنڊيدار وڻ) کائي رهيو آهيان ۽ دوزخين جي پونءِ پي رهيو آهيان. انهن تصورن کان پوءِ مون پنهنجي نفس کان پڇيو: ٻڌاءِ، توکي ڇا کپي؟ (جهنم جو عذاب يا ان کان ڇوٽڪارو؟) نفس چوڻ لڳو: (ڇوٽڪارو کپي تنهنڪري) ”آئون چاهيان ٿو ته دنيا ۾ واپس هليو وڃان ۽ اهڙا عمل ڪريان جنهن جي ڪري مون کي هن دوزخ کان نجات ملي وڃي.“ ان کان پوءِ مون اهو تصوّر ڪيو ته آئون جنت ۾ آهيان، اتي جا ميوا کائي رهيو آهيان، جنتي نهرن منجهان شربت پي رهيو آهيان ۽ حورن سان ملاقات ڪري رهيو آهيان. انهيءَ تصوّر کان پوءِ مون پنهنجي نفس کان پڇيو: توکي ڇا جي خواهش آهي؟ (جنت جي يا دوزخ جي؟) نفس چيو: (جنت جي) آئون چاهيان ٿو ته ”دنيا ۾ وڃي نيڪ عمل ڪري اچان ته جيئن جنت جون خوب نعمتون حاصل ڪريان.“ تڏهن مون پنهنجي نفس کي چيو: في الحال توکي مهلت مليل آهي. (يعني اي نفس! هاڻي تون پنهنجي واٽ پاڻ ئي مقرر ڪر ته سڌري جنت ۾ وڃڻو اٿئي يا بگڙي دوزخ ۾! ۽ هاڻي تون انهيءَ مطابق عمل ڪر)

(حِلية الاالياء ج 4، ص 235 رقم 5361)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

کچھ نیکیاں کما لے جلد آخِرت بنا لے
کوئی نہیں بھروسہ اے بھائی! زندگی کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# آخرت جي تياري

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ٿورو سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ته اسان جي بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰہُ المبین ڪهڙي طرح پنهنجي نفس ڪي سڌارڻ جي لاءِ اُن جو محاسبو ڪري، ان کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش فرمائيندا هئا ۽ ڪوتاهين تي ان ڪي ملامت به ڪندا هئا بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته ان جي لاءِ سزائون به مقرر فرمائيندا هئا، هر وقت **الله** عَزَّوَجَلَّ جو ڊپ دل ۾ رکي پاڻ کي وڌ کان وڌ سڌارڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا هئا، بيشڪ اهڙن جي ئي ڪوشش ڪارگر به ٿيندي آهي. **الله** ربُّ العِباد سيپارو 15 سورهءِ بني **اسرائيل** جي آيت نمبر 19 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَنْ اَرَادَ الْاٰخِرَةَ وَسَعٰى لَهَا سَعْيَهَا وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓىٕكَ كَانَ سَعْيُهُمْ مَّشْكُوْرًا ﴿۱۹﴾

منهنجا آقا، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهه احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن پنهنجي جڳ مشهور قرآن شريف جي ترجمي ڪنزالايمان ۾ ان جو ترجمو هيئن ڪن ٿا:

”۽ جيڪو آخرت گهري ۽ ان جي لائق ڪوشش ڪري ۽ هجي ايمان وارو پوءِ انهن جي ڪوشش ڪارگر ٿي.“

# روشن مستقبل

اڄ اسان جي حالت اها آهي جو اسان پنهنجي مستقبل کي

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

سُڌارڻ جي لاءِ تہ تمام گهٽ غور ۽ فڪر ڪندا آهيون، ان جي لاءِ طرح طرح جون آسائشون گڏ ڪرڻ جي هر وقت ڪوشش ڪندا رهندا آهيون، خوب بئنڪ بيلنس وڌائيندا، ۽ ڪاروبار چمڪائيندا آهيون ۽ آئنده جون دنياوي آسائشون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي منصوبا ٺاهيندا آهيون تہ ڪنهن بہ طرح اسان جو اهو ”دنيوي مستقبل“ بهتر ٿي وڃي، پر افسوس! اسان پنهنجي آخرت کي سُڌارڻ جي فڪر کان بلڪل غافل ۽ ان جي تياري جي مُعاملي ۾ بلڪل سست آهيون. حالانڪ رُڳو هن دنيوي مستقبل جي سڌرڻ جو انتظار ڪرڻ وارن نہ ڄاڻ ڪيترن نادان انسانن جون حسرتون ۽ خواهشون مٽي ۾ ملي وينديون آهن ۽ اهي روشن مستقبل ماڻي خوشيون ملهائڻ بدران اونداهي قبر جي حوالي ٿي ويندا آهن. رُڳو دنياوي زندگي کي سڌارڻ جي ڪُٽتين ۾ ڳري، انهيءَ جي ڊڪ ڊوڙ ۾ مصروف رهڻ، پنهنجي آخرت جي بهتري لاءِ فڪر ۽ عمل کان لاپرواهي ڪرڻ، گذريل عملن تي پنهنجو احتساب ڪندي، اڳتي لاءِ گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو پڪو پهہ نہ ڪرڻ سراسر نقصان آهي ۽ سمجهدار اهو ئي آهي، جنهن آخرت جي حساب کي سامهون رکندي پاڻ کي سڌارڻ لاءِ پنهنجي نفس کان سختيءَ سان محاسبو ڪيو، گناهن تي افسوس ۽ انهن جي بُري انجام جو خوف محسوس ڪيو. جيئن اسان جي بزرگن جو طريقيڪار رهيو آهي.

## انوکو حساب

حُجَّةُ الْاِسلام حضرتِ سَيِّدُنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي نقل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

فرمائن ٿا تہ حضرت سيّدُنا اِبنُ الصِّمَّہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هڪ ڀيري محاسبو ڪندي پنهنجي عمر جو حساب ڪيو تہ اها (اٽڪل) سٺ سال ٿي، انهن سٺ سالن کي ٻارهن سان ضرب ڪيائون تہ ست سؤ ويهہ مهينا ٿيا، ست سؤ ويهن کي وڏيڪ ٽيهن سان ضرب ڪيائون تہ جواب ايڪيهہ هزار ڇهہ سؤ آيو، جيڪي پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي عمر جا ڏينهن هئا. پوءِ پنهنجو پاڻ کي مخاطب ٿي فرمائڻ لڳا، جيڪڏهن مون کان روزانو هڪ گناهہ بہ ٿيو هجي تہ هن وقت تائين ايڪيهہ هزار ڇهہ سؤ گناهہ ٿي چُڪا! جڏهن تہ ان عرصي ۾ اهڙا ڏينهن بہ شامل هوندا جن ۾ روزانو هڪ هزار تائين بہ گناهہ ٿيا هوندا. رُڳو ايترو چوڻ جي دير هئي پوءِ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ مان ڏڪڻ لڳا ۽ اوچتو واتان هڪ رڙ نڪتي ۽ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ زمين تي تشريف ڪٽي آيا، جڏهن ڏٺو ويو تہ سندن روح جسد خاڪي مان پرواز ڪري چُڪو هو. (ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 891)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نہ ندامت جو احساس آهي نہ خدا جو خوف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو تہ اسان جي بزرگانِ دين رَحِمَھُمُ اللّٰہُ المُبِین جي ”فڪرِ مدينہ“(1) جو انداز ڪيتري قدر اعليٰ هو. اهي ڪهڙيءَ ريت پنهنجي نفس کي سڌارڻ جي لاءِ ان جو مُحاسبو فرمائيندا هئا ۽ هر وقت نيڪين ۾ مصروف رهڻ جي باوجود پاڻ کي گنهگار سمجهندا هئا ۽ هميشہ اللّٰہ تعاليٰ کان ڊڄندا رهندا هئا،

(1) دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ پنهنجي عملن جي جائزي (محاسبي) کي فڪر مدينہ چئبو آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ايستائين جو خوف وچان گهٽڻ جا روح پرواز ڪري ويندا هئا. پر افسوس! اسان جي حالت اِها آهي جو ڏينهن رات گناهن جي سمنڊ ۾ غرق رهڻ جي باوجود نہ شرمساريءَ جو احساس آهي ۽ نہ ئي آخرت جو خوف. اسان جا اسلاف رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى راتيون جاڳي عبادت ڪندا، ڪثرت سان روزا رکندا، ۽ تمام گهڻا نيڪ عمل ڪندا هئا، پر ان جي باوجود پاڻ کي حقير سمجهندي، خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ وچان روئندا رهندا هئا.

*راتیں زاری کر کر روندے، نیند اَکھیں دی دھوندے*
*فجریں اَو گنہار کہاندے، سب تھیں نیویں ہوندے*

(يعني اُهي اهڙا نيڪ ٻانها آهن جن جون راتيون روئندي ٻاڏائيندي گذرن ٿيون جنهن جي ڪري اُنهن جون ننڊون ڦٽي وڃن ٿيون، انهي جي باوجود جڏهن صبح ٿئي ٿي تہ ماڻهن جي سامهون پنهنجو پاڻ کي سڀني کان وڏيڪ گنهگار تصوّر ڪن ٿا)

انهن جو شان تہ هي آهي جو اُهي مستحبن جي ترڪ ڪرڻ کي بہ پنهنجي لاءِ سيئات (يعني براين) مان سمجهن ٿا، نفلي عبادت جي ڪمي کي بہ گناهہ تصور ڪن ٿا ۽ ننڍپڻ جي خطا کي بہ گناهہ شمار ڪن ٿا حالانڪ نابالغي جا گناهہ شمار ناهن ڪيا ويندا.

## ننڍپڻ جو گناهہ ياد اچي ويو!

هڪ دفعي حضرت سيدنا عُتبہَ غلام عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ السَّلَام هڪ گهر وٽان لنگهيا تہ پگهرجي ويا ۽ ڏڪڻ لڳا! ماڻهن جي پڇڻ تي فرمايائون: هي اُها جاءِ آهي جتي مون ننڍي هوندي گناهہ ڪيو هو!

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

(تنبيہ المغترين، ص 57) اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ننڊپڻ جي گناهه کي ياد رکڻ جو نرالو انداز

منقول آهي تہ حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی کان ننڊپڻ ۾ هڪ گناهه ٿي ويو هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جڏهن بہ ڪو نئون وڳو سبرائيندا هئا تہ اُن جي گريبان تي اُهو گناهه لکي ڇڏيندا هئا ۽ اڪثر ان کي ڏسي ايتريقدر روئندا هئا جو مٿن بيهوشي طاري ٿي ويندي هئي. (تذڪرة الاولياء ج 1 ص 39) اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ناقص نيڪين تي وڏائي ڪرڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو؟ اسان جا بزرگان دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين پنهنجي ننڊپڻ جا گناهه بہ ياد رکندا هئا ۽ اُن تي اللهعَزَّوَجَلَّ جو ڪيڏو نہ خوف محسوس ڪندا هئا ۽ ٻئي پاسي اسان بدنصيبن جي حالت اها آهي جو بالغ ٿيڻ جي باوجود ڄاڻي واڻي ڪيل گناهه بہ وساري ڇڏيون ٿا ۽ ناقص نيڪين کي ياد رکي، انهن جي مٿان وڏائي ڪندا ٿا وتون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪي ڪري وساري ڇڏيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عقلمند اُهو ئي آهي جيڪو نيڪيون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

ڪرڻ ڪان پوءِ اُنهن ڪي وساري ڇڏي ۽ گناهہ تي وجن تہ اُنهن ڪي ياد رکي ۽ پنهنجي اصلاح جي لاءِ اُنهن تي سختي سان پنهنجو محاسبو ڪندو رهي، بلڪ نيڪ عملن جي گهٽتائي تي بہ پاڻ ڪي ملامت ڪري ۽ هر وقت پاڻ ڪي **الله** واحد قهار جي قهر ۽ غضب ڪان ڊيڄاريندو رهي، اهو ئي اسان جي بزرگن جو معمول رهيو آهي.

## اڄ ”ڇا ڇا“ ڪيو؟

امير المومنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ روزانو پنهنجو احتساب فرمائيندا هئا ۽ جڏهن رات ٿيندي هئي تہ پنهنجن پيرن تي دُرّو هڻي فرمائيندا هئا: ٻڌاءِ! اڄ تو ”ڇا ڇا“ ڪيو آهي؟ (احياء علوم الدين ج 5 ص 141) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي عاجزي

حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ عَشَرَه مُبَشَّره يعني جن ڏهہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪي تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنت جي بشارت ٻڌائي، اُنهن ۾ شامل ۽ حضرت سيدنا صديق اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪان پوءِ سيني ڪان افضل هجڻ جي باوجود وڏي عاجزي ۽ نوڙت فرمائيندا هئا جيئن حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون حضرت سيدنا فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪي هڪ باغ جي ديوار جي ويجهو ڏٺو جو پاڻ پنهنجي نفس ڪي فرمائي رهيا هئا: ”واہ! ماڻهو تو ڪي اميرالمؤمنين چون ٿا (پوءِ بطور عاجزي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

فرمائڻ لڳا) ۽ تون (اُهو آهين جو) **الله** عَزَّوَجَلَّ کان نٿو ڊڄين! (ياد رک!) جيڪڏهن تو **الله** عَزَّوَجَلَّ جو خوف نہ رکيو تہ اُن جي عذاب ۾ گرفتار ٿي ويندين." (ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 892) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرت سيّدنا فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو ان طريقي سان پنهنجي نفس جي ملامت ڪرڻ ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جو خوف ڏياري ان جو محاسبو ڪرڻ اسان جي سيکارڻ جي لاءِ بہ هو.

## قيامت کان پهريان حساب

هڪ موقعي تي حضرت سيّدنا فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ارشاد فرمايو: "اي ماڻهؤ! پنهنجي عملن جو انهي کان اڳ ۾ محاسبو ڪريو جو قيامت اچي وڃي ۽ اُنهن جو حساب ورتو وڃي." (احياء علوم الدين ج 5 ص 128) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## محاسبو ڇا کي چئبو آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پنهنجي گذريل عملن جي حساب ڪرڻ کي مُحاسبو چئبو آهي. ڪاش! روزانو رات جو "فڪرِ مدينہ"[1] ڪندي اسان کي پنهنجي نفس سان سچي ڏينهن جو حساب ڪرڻ

---

(1) پاڻ کي سڌارڻ جي بهترين نسخي "مدني انعامات" مان هڪ مدني انعام "فڪر مدينہ" بہ آهي، يعني روزانو رات جو پنهنجي عملن جو محاسبو ڪري ۽ انهي دؤران مدني انعامات جو رسالو ڀري.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

جي سعادت ملي وڃي ۽ ائين اسان کي عملن جي سرمايي ۾ نفعي ۽ نقصان جي معلومات ٿيندي رهي. جهڙي طرح واپار ۾ پائيوار شخص ڪان حساب وٺڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويندي آهي، اهڙيءَ طرح نفس سان بہ حساب ڪتاب ۾ وڏي احتياط جي ضرورت آهي، ڇو تہ نفس تمام چالاڪ ۽ اٽڪل باز آهي، هو اسان کي پنهنجي نافرماني بہ اطاعت جي لباس ۾ پيش ڪندو آهي تہ جيئن بُرائيءَ ۾ بہ اسان کي نفعو نظر اچي حالانڪ ان ۾ سراسر نقصان آهي. رُڳو اهو ئي نہ بلڪ صحيح معنيٰ ۾ سڌرڻ جي لاءِ سيني جائز مُعاملن ۾ بہ نفس ڪان حساب طلب ڪرڻ گهرجي، جيئن اسان جي بزرگن رَحِمَهُمُ اللهُ تعالي جو عمل رهيو.

## ڏيئي جي مٿان آڱوٺو

تمام وڏا عالم ۽ تابعي بزرگ حضرت سيِّدُنا اَحنف بن قيس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ رات جي وقت ڏيئو هٿ ۾ کڻي، ان جي ڄيڀي تي آڱوٺو رکي، هن طرح فرمائيندا هئا: اي نفس! تو فلاڻو ڪم ڇو ڪيو؟ ۽ فلاڻي شيءِ ڇو کاڌي؟ (كيمياءِ سعادت ج 2 ص 893)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

يعني پنهنجو محاسبو ڪندا هئا تہ جيڪڏهن منهنجي نفس غلطي ڪئي هجي تہ اُن کي تنبيهہ ٿئي جو هي ڏيئي جي ڄيڀي جيڪا تمام هلڪي باهہ آهي برداشت ڪونہ ٿو ڪري سگهين تہ پوءِ جهنم جي خطرناڪ باهہ ڪيئن سهي سگهندين! حُجَّةُ الاسلام

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

حضرت سيدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي ان قسم جي هڪ ٻي حڪايت نقل ڪندي فرمائن ٿا:

## ڪڏهن متي نہ ڏسندس

حضرت سيدنا مَجْمَع نالي هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ ڀيري آسمان جي طرف متي ڏٺو تہ ڇت تي بيٺل ڪنهن عورت تي نظر پئجي وئي، فورًا نگاهہ جهڪايائون ۽ ايتريقدر پشيمان ٿيا جو واعدو ڪيائون، "تہ آئنده ڪڏهن بہ متي نہ ڏسندس." (احياءُ العلوم ج 5 ص 141)

**اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

آنکھ اٹھتی تو میں جُھنجُلا کے پلک سی لیتا
دل بگڑتا تو میں گھبرا کے سنبھالا کرتا (ذوقِ نعت)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ملاحظہ فرمايو تہ اسان جي بزرگن جي ڪهڙي مدني سوچ هوندي هئي جو غلطي سان نامحرم تي نظر پئي ۽ اوچتي پوڻ واري نظر معاف هجڻ جي باوجود بہ اُنهن زندگي ڀر متي نہ ڏسڻ جو واعدو ڪري ڇڏيو يعني مستقل اکين جو "قفل مدينہ" لڳائي ڇڏيو.[1]

آقا کی حیا سے جھکی رہتی تھی نگاہیں
آنکھوں پہ مرے بھائی لگا قُفلِ مدینہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

(1) دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي اِصطِلاح ۾ "قفل مدينہ" جي تفصيلي معلومات لاءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو تحريري بيان "قفل مدينہ" جو مطالعو ڪيو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

# جيڪڏهن جنت کان روڪيو ويو تہ!

حضرت سيّدنا ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ ڀيري غسل ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن حمام تي ويا تہ حمام واري کين روڪي ڪانئن پئسا گهريا ۽ چيو تہ جيڪڏهن پئسا نہ ڏيندين تہ حمام ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏيندس، اهو ٻڌي پاڻ روئڻ لڳا. حمام واري پريشان ٿي عرض ڪيو: جيڪڏهن توهان وٽ پئسا ناهن تہ ڪا ڳالهہ ناهي، توهان ائين ئي غسل ڪري وٺو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: آئون ان ڪري ڪونہ ٿو روئان جو توهان مون کي روڪيو آهي بلڪ مون کي انهيءَ ڳالهہ روئاريو آهي تہ پئسن نہ هجڻ جي ڪري اڄ مون کي اهڙي حمام کان روڪيو ويو آهي، جنهن ۾ نيڪوڪار ۽ بدڪار سيئي وهنجن ٿا. هاءِ! جيڪڏهن سياڻي نيڪيون نہ هجڻ جي ڪري مون کي اُن جنت کان روڪيو ويو، جيڪا نيڪن جو مقام آهي، تہ منهنجو ڇا ٿيندو! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي اُنهن مقدس بزرگن جا احوال آهن جيڪي پالڻهار عَزَّوَجَلَّ جا پرهيزگار ٻانها آهن، جن جي مٿي تي **الله** عَزَّوَجَلَّ ولايت جا تاج سجايا آهن، توهان ڏٺو تہ هيڏي وڏي رُتبي جي باوجود ڪهڙي طرح نفس کي سڌارڻ لاءِ ان جو محاسبو ڪندا هئا ۽ پاڻ کي عاجز ۽ گنهگار تصور ڪندا هئا ڪاش! اسان بہ سڌرڻ جو جذبو رکندي، پنهنجو محاسبو ڪريون ۽ زندگي ۾ ئي پنهنجي عملن جو جائزو وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون! گذريل حڪايت مان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

معلوم ٿيو ته **الله** عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها دنيوي مصيبت کي آخرت جي ياد جو وسيلو بڻائيندا هئا. انهي باري ۾ هڪ ٻي حڪايت ٻڌو:

## هٿڪڙيون ۽ سنگهرون

مُفسّر قرآن، صاحبِ خزائن العرفان في تفسير القرآن، خليفه اعليٰ حضرت، حضرت صدرالافاضل علّامه مولانا سيّد محمد نعيم الدين مُراد آبادي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْہَادِی پنهنجي مشهور ڪتاب ”سوانح ڪربلا“ جي صفحي نمبر 60 تي فرمائن ٿا: حجّاج بن يوسف جي دؤر ۾ حضرت سيدنا امام زينُ العابدين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن کي ٻيهر قيد ڪيو ويو ۽ لوهه جي وزني زنجيرن ۾ سندن نازڪ جسم کي قيد ڪيو ويو ۽ پهريدار مقرر ڪيا ويا. مشهور مُحَدِّث حضرت سيدنا امام زُهري رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ سندن حالت زار ڏسي روئڻ لڳا ۽ پنهنجي دلي جذبات جو اظهار ڪندي عرض ڪرڻ لڳا: آهه! اها حالت مان نٿو ڏسي سگهان، اي ڪاش! هتي توهان جي جاءِ تي آئون قيد هجان ها! اهو ٻڌي، امام صاحب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو: ”توهان ڇا ٿا سمجهو ته هن قيد ۽ بند جي ڪري مان پريشان آهيان، حقيقت هي آهي ته جيڪڏهن آئون چاهيان ته **الله** عَزَّوَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان هاڻي ئي آزاد ٿي وڃان پر سزا تي صبر ڪرڻ ۾ ثواب آهي. هِنن هٿڪڙين ۽ زنجيرن ۾ جهنم جي خوفناڪ باهه جي زنجيرن، باهه جي هٿڪڙين ۽ عذابِ الٰهي جي ياد آهي.“ اهو چئي سنگهرن مان پير ۽ هٿڪڙين ما هٿ ٻاهر ڪڍي ورتائون! **الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

# ساهہ جي لڙهي

**حضرت سيدنا حسن بصري** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القوي **فرمائن ٿا: جلدي ڪريو! جلدي ڪريو! توهان جي زندگي ڇا آهي؟ اهي ساهہ ئي تہ آهن جيڪڏهن اهي رڪجي وڃن تہ توهان جي انهن عملن جو سلسلو بہ ڪٽجي ويندو جنهن جي ذريعي توهان اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **جو قرب حاصل ڪندا آهيو. اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ **ان شخص تي رحم فرمائي، جنهن پنهنجو جائزو ورتو ۽ پنهنجي گناهن تي ڪجهہ لُڙڪ وهايا.**

(اتحاف السادة المتقين ج 14 ص 71)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# بي عمل بيوقوف هوندو آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو اسان جو حال تہ اهو آهي جو اسان گناهن جا عادي ٿي چڪا آهيون، آخر اهو ڪهڙو گناهہ آهي جيڪو اسان نٿا ڪريون؟ نيڪيون اسان کان نہ ٿيون پچن ۽ جيڪڏهن ٿي بہ وڃن تہ اخلاص جو ذرو بہ ناهي، ماڻهن کي پنهنجا نيڪ عمل ٻڌائي، رياڪاري جي تباهہ ڪاري جي ور چڙهي ويندا آهيون، اسان جو اعمال نامو نيڪين کان خالي ۽ گناهن سان ڀرجندو پيو وڃي، پر افسوس! اسان کي ان جي بُري انجام جو ڪوبہ احساس ناهي ۽ ان جي مٿان عجب اهو جو اسان پاڻ کي وڏو عقلمند سمجهندا آهيون ايستائين جو اسان کي ڪو بي عقل يا بي سمجهہ چوي تہ ان جا دشمن ٿي ويندا سين، پر هاڻي توهان ئي ٻڌايو تہ جيڪڏهن ڪنهن فرار ٿيل ڏوهاري جي ڦاهي جو حڪم نامو**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

جاري ٿي چڪو هجي، پوليس اُن جي ڳولا ۾ هجي ۽ هو گرفتاري کان بي خوف، تحفّظ ۽ احتياط جي واٽ ڇڏي آزاد گهمي ڦري رهيو هجي ته ڇا اُن کي عقلمند چئبو؟ اهڙي شخص کي ماڻهو بي عقل ئي چوندا.

## جهنم جي دروازي تي نالو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جنهن کي ٻڌايو ويو هجي ته ”جنهن جاڻي واڻي نماز ڇڏيائين اُن جو نالو جهنم جي دروازي تي لکيو ويندو آهي.“ (حلية الاولياء حديث 10590 ج 7 ص 299) ۽ اِها به خبر ڏني وئي هجي ته ”جيڪو رمضان جي مهيني جو هڪ روزو به بنا شرعي عذر ۽ مرض جي قضا ڪندو آهي ته پوري زماني جا روزا اُن جي قضا نٿا ٿي سگهن، توڙي جو بعد ۾ رکي به ڇڏي.“[1] سنن ترمذي، حديث 723 ج 2 ص 175) ۽ اِهو به ٻڌايو ويو هجي ته ”جيڪو ماڻهو حج جي خرچ ۽ سواري تي قادر آهي جيڪا ان کي بيت الله تائين پهچائي انهيءَ جي باوجود حج نه ڪري اُهو چاهي يهودي ٿي مري يا عيسائي ٿي مري.“ (سنن الترمذي، حديث 812 ج 2 ص 219) جيڪڏهن اوهان وعده خلافي ڪئي ته ياد رکو! جيڪو وعده خلافي ڪندو آهي، ان تي الله عَزَّوَجَلَّ، ملائڪن ۽ ماڻهن جي لعنت آهي ۽ ان جا نه فرض قبول ڪيا ويندا نه ئي نفل قبول ڪيا ويندا. (صحيح بخاري، حديث 1870 ج 1 ص 616) جيڪڏهن

مدينه

(1) يعني بنا سبب رمضان ۾ هڪ روزو به نه رکڻ وارو، انهي جي بدلي ۾ سڄي عمر روزا رکي ته اهو درجو ۽ ثواب حاصل نه ٿيندو جيڪو رمضان ۾ ملي ها جيتوڻيڪ شرعي طرح سان هڪ روزي رکڻ سان ان جي قضا ٿي ويندي، فرض جي ادائيگي ۾ ڳالهه آهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ ۾ ٻي ڳالهه آهي. (مراٰة المناجيح ج 3 ص 167)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

توهان بدنگاهي ڪئي، ڪنهن نامحرم عورت کي ڏٺو يا امرد کي شهوت جي نگاهہ سان ڏٺو يا T.V، V.C.R، انٽرنيٽ يا سينيما گهر وغيره تي فلمون، ڊراما ۽ بي حيائي وارا منظر ڏٺا تہ ياد رکو! منقول آهي: جنهن پنهنجي اک حرام سان ڀري **الله**عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن اُن جي اک ۾ باهہ ڀريندو. (مڪاشفة القلوب ص 10) ۽ جنهن کي اِهو سمجهايو ويو هجي تہ عنقريب توهان کي مرڻو پوندو ڇوتہ هر جان کي موت جو ذائقو چکڻو آهي. جڏهن وقت پورو ٿي ويندو تہ موت نہ هڪ پل اڳتي ٿيندو نہ پوئتي ۽ اِهو بہ اطلاع ڏنو ويو هجي تہ مرڻ کان پوءِ انهي قبر ۾ وڃڻو آهي جيڪا ڏوهارين جي لاءِ اونداهي ۽ وحشتناڪ هوندي آهي، اُنهن جي لاءِ ڪيڙا ماڪوڙا ۽ نانگ وڇون بہ هوندا آهن ۽ اُن ۾ هزارين سال رهڻو پوندو. آهہ! قبر هر هڪ کي دٻائيندي، نيڪن کي ائين دٻائيندي جيئن ماءُ پنهنجي وڇڙيل ٻچي کي شفقت مان ڇاتي سان لڳائيندي آهي ۽ جن کان **الله** عَزَّوَجَلَّ ناراض هوندو آهي انهن کي ائين دٻائيندي آهي جو پاسراٽيون ٽٽي هڪٻئي ۾ائين گهڙي وينديون جيئن ٻنهي هٿن جون آڱريون هڪٻئي ۾ ملي وينديون آهن، انهي تي بس ناهي بلڪ انهيءَ ڳالهہ کان خبردار ڪيو ويو هجي تہ قيامت جو هڪ ڏينهن پنجاهہ هزار سال جي برابر ٿيندو ۽ سج هڪ ميل جي فاصلي تي رهي تپش وڌائي رهيو هوندو، حساب ڪتاب جو سلسلو هوندو، نيڪن جي لاءِ جنّت جون راحتون هونديون ۽ ڏوهارين جي لاءِ جهنم جون تڪليفون هونديون.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

## ناداني جي انتها

ايتري معلومات هجڻ جي باوجود جيڪڏهن ڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ کان ڪَمَاحَقُّہ نہ ڊڄي، موت جي سختين، قبر جي وحشتن، قيامت جي هولناڪين ۽ جهنم جي سزائن جو صحيح معنيٰ ۾ خوف نہ رکي، غفلت جي ننڊ ۾ ستل رهي، نمازون نہ پڙهي، رمضان المبارڪ جا روزا نہ رکي، فرض هجڻ جي باوجود پنهنجي مال جي زڪوٰة نہ ڪڍي، حج فرض هجڻ جي باوجود ادا نہ ڪري، وعدا ٽوڙي، ڪوڙ، چغلي، غيبت، بدگماني وغيره نہ ڇڏي، فلمن، ڊرامن جو شوقين رهي، گانا ٻڌڻ ان جو بهترين مشغلو رهي، والدين جي نافرماني ڪري، گاريون ڏيڻ ۽ طرح طرح جون بي حيائي جون ڳالهيون ڪرڻ ۾ مست رهي، مقصد تہ پاڻ ڪي بلڪل نہ سڌاري پر پوءِ بہ پنهنجو پاڻ کي عقلمند سمجهندو رهي تہ اهڙي شخص کان وڌيڪ ٻيو بي وقوف ڪير هوندو؟ ۽ بي وقوفي جي انتها اِها آهي تہ جڏهن سڌارڻ جي لاءِ سمجهايو وڃي تہ لاپرواهي مان اِهو چوي تہ بس ادا ڪو مسئلو ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ تہ رحيم ۽ ڪريم آهي، مهرباني فرمائيندو، اُهو ڪريم ڪرم فرمائيندو.

## مغفرت جي تمنا ڪڏهن بيوقوفي آهي؟

حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوَالی اِحياءُ العلوم ۾ فرمائن ٿا: ايمان جي ٻج کي عبادت جو پاڻي نہ ڏنو وڃي يا دل کي برن اخلاقن ۾ مصروف ڇڏيو وڃي ۽ دنيا جي لذتن ۾ مبتلا ٿي وڃي ۽ پوءِ بخشش جو انتظار ڪري تہ ان جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

انتظار هڪ بيوقوف ۽ دوکي ۾ مبتلا شخص جو انتظار آهي. (احياءُ العلوم ج 4 ص 175) **نبي اڪرم** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن فرمايو: عاجز** (يعني بيوقوف) **شخص اُهو آهي جيڪو پنهنجي نفس کي خواهشن جي پنيان هلائي ٿو ۽** (ان باوجود) **الله تعاليٰ کان اميد رکي.**

(سنن الترمذي، الحديث 2467 ج 4 ص 207، 208)

# جوَ پوکي ڪڻڪ لڻڻ جي اميد ناداني آهي

مفسّر شهير، حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الحَنَّان انهي حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: هن فرمان عالي ۾ عاجز مان مراد بيوقوف آهي جيڪو ڪَيِّس (يعني عقلمند) جو ضد آهي، نفس اماره جو دٻايل يعني اهو بيوقوف جيڪو دوزخ وارا ڪم ڪري ۽ جنت جي اميد رکي. هي چوي تہ **الله** غفور رحيم آهي، پوکي ٻاجهري ۽ ڪڻڪ جي اميد رکي! هي چوي تہ **الله** غفور رحيم آهي، لڻڻ وقت ان کي ڪڻڪ ٻڻائي ڇڏيندو، انهي جو نالو اميد ناهي. ربّ تعاليٰ فرمائي ٿو:

مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ ۝٦

**ترجمو ڪنزالايمان:** تو کي ڪهڙي شيءِ ڌوکي ۾ وڌو پنهنجي ڪرم واري ربّ کان

(پ 30 الانفطار: 6)

۽ ٻي جڳهہ ارشاد آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ الَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَ جٰهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ اُولٰٓئِكَ يَرْجُوْنَ رَحْمَتَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٢١٨

(پ 2 البقرة: 218)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اُهي جن اِيمان آندو ۽ جن **الله** جي لاءِ پنهنجو گهر ٻار ڇڏيو ۽ **الله** جي واٽ ۾ وڙهيا اهي ئي **الله** جي رحمت جا اميدوار آهن ۽ **الله** بخشڻهار ٻاجهارو آهي.

جوَ پوکي، ڪڻڪ لُڻڻ جي اميد رکڻ شيطاني دوکو ۽

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

نفساني وسوسو آهي. حضرت خواجہ حسن بصري (عَلَیہِ رَحمَۃُ اللہِ القوي) فرمائن ٿا: ڪجھ ماڻھن کي ڪوڙي اميد سڌي وات ۾ نيڪ عمل ڪان پري ڪري ڇڏيو آهي جيئن ڪوڙي ڳالھ گناھ آهي اهڙي طرح ڪوڙي اميد بہ گناھ آهي.

(مرأة المناجيح ج 7 ص 102، 103، اشعة اللمعات ج 4 ص 251 مرقاة ج 9 ص 142)

## جهنم جو ٻج ڇٽي، جنت جي فصل جو انتظار

حُجَّۃُ الاسلام، حضرت سيدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَیہِ رَحمَۃُ اللہِ الوَالی اِحياءُ العلوم ۾ نقل فرمائن ٿا تہ حضرت سيدنا يحيٰ بن مُعاذ رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ فرمائن ٿا: مون وٽ سڀ ڪان وڏو دوکو اهو آهي تہ معافي جي اميد تي پشيمان ٿيڻ ڪان سواءِ ماڻھو گناهن ۾ وڌندو وڃي، اطاعت ڪان سواءِ الله تعاليٰ جي قرب جي اميد رکي، جهنّم جو ٻج ڇٽي جنت جي فصل جو منتظر آهي، گناهن سان عبادت گذار ٻانهن جي گهر (جنت) جو طالب هجي، عمل خير ڪان سواءِ سٺي جزا جو انتظار ڪري ۽ ظلم ۽ زيادتي جي باوجود الله تعاليٰ ڪان نجات جي تمنا ڪري. تَرْجُو النَّجَاۃَ وَلَمْ تَسْلُکْ مَسَالِکَهَا اِنَّ السَّفِیْنَۃَ لَاتَجْرِیْ عَلَي الْیَبَسِ توهان نجات جي اميد رکو ٿا پر ان جي رستن تي نٿا هلو يقيناً ٻيڙي خشڪي ۾ ناهي هلندي. (احياءُ العلوم ج 4 ص 176)

## مصيبت باعثِ عبرت آهي

ياد رکو! الله تعاليٰ بي نياز آهي، ان جي بي نيازي کي سمجهڻ جي هن طرح ڪوشش ڪريو تہ ڇا دنيا ۾ توهان کي ڪا تڪليف ناهي ايندي؟ بخار ناهي ايندو؟ پريشاني ناهي ٿيندي؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.**
(ابن عدي)

تنگدستي، قرضداري، بيروزگاري جا منظر ڇا توهان ڪڏهن ناهن ڏٺا؟ حادثن سان واسطو ناهي پيو؟ هٿن، پيرن، يا اکين وغيره کان معذور ناهن ڏٺا؟ ڇا دنيا ۾ تڪليفن جا نظارا توهان کي جهنم جي عذابن جي ياد نٿا ڏيارين؟ يقيناً دنيا جون تڪليفون سمجهدارن جي لاءِ جهنّم جي عذابن جي يادگيري آهن. اهڙي طرح ياد رکو! اُهو ربّ بي نياز عَزَّوَجَلَّ جيڪو دنيا ۾ ٻانهن کي، بيمارين، تڪليفن، ۽ مصيبتن ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿو ته اُهو جهنّم جو عذاب به ڏئي سگهي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## الله عَزَّوَجَلَّ! روزي ڏيڻ وارو آهي پوءِ به...

ان ڳالهه تي ٿورو غور ڪريو ته **الله** عَزَّوَجَلَّ روزي ڏيڻ وارو آهي ۽ بنا وسيلي جي به روزي ڏيڻ تي به قادر آهي اهو توهان جو به ايمان آهي ۽ منهنجو به. بلڪ اُن هرهڪ جي روزي پنهنجي ذمي ڪنئي آهي جيئن ٻارهين سيپاري جي ابتدائي آيت ۾ ارشاد آهي:

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ زمين تي چرندڙ ڪا به شيءِ اهڙي نه آهي جنهن جو رزق الله جي ڪرم جي ذمي نه هجي.

پوءِ سوچڻ جي ڳالهه آهي ته جڏهن **الله تعاليٰ** روزي جو ذمو کنيو آهي ته پوءِ ڇو روزي جي لاءِ ايچ ڊڪ ڪريون ٿا؟ ڇو هڪ شهر کان ٻئي شهر وڃون ٿا ۽ پنهنجو وطن ڇڏي ٻئي ملڪ وڃون ٿا ۽ ”راهِ مال“ ۾ اچڻ واري هر تڪليف خوشي سان برداشت ڪريون ٿا، ان ڪري جو توهان جو ذهن ٺهيل آهي ته ڪوشش ڪنداسين ته

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

روزي ملندي، حرڪت ۾ برڪت آهي.

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر هڪ جي بخشش جو ذمو ناهي ڪنيو پر----

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر جاندار جي روزي پنهنجي ذمي ڪنئي آهي مگر ياد رکو! هر مسلمان جي ايمان جي حفاظت يا بي حساب بخشش جو ذمو ناهي ڪنيو مگر پوءِ به روزي جو فڪر لڳل آهي، ايمان جي حفاظت ۽ بي حساب بخشش جي طلب جي لاءِ ڪنهن به قسم جي چرپر ناهي، شايد ان ڪري جو اڄڪلهه گهڻن ماڻهن جون دليون سخت ٿي چڪيون آهن، تنهنڪري دنيا جي لاءِ سختيون برداشت ڪري وٺن ٿا. دنيا ڪمائڻ جي لاءِ روزانه اٺ، ڏهه بلڪ ٻارهن ڪلاڪن تائين ڌڪا کائڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. هاءِ صد ڪروڙ افسوس! ايمان جي حفاظت ۽ بي حساب بخشش جي لاءِ مهيني ۾ صرف ٽن ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر جي درخواست ڪئي وڃي ته اهو چئي انڪار ڪيو ويندو آهي ته اسان وٽ وقت ناهي، چڻ زبان حال سان هن طرح چئي رهيا آهن.

نفس و شیطان نے بدمست کیا بھائی ہے
ہم نہ سُدھرے ہیں، نہ سُدھریں گے،قسم کھائی ہے

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ بي نياز آهي

يقينًا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ بنا سبب جي صرف پنهنجي رحمت سان جنّت ۾ داخل فرمائڻ تي قادر آهي. پر اُن جي بي نيازي کان ڊڄڻ ضروري آهي، ته اُهو ڪنهن هڪ گناهه تي به گرفت فرمائي جهنم ۾ اڇلائي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

سگهي ٿو. "مسند امام حمد بن حنبل" ۾ **الله ربُّ العِباد** عَزَّوَجَلَّ جو مبارڪ ارشاد نقل ڪيو ويو آهي: "اهي ماڻهو جنت ۾ وڃن تڏهن به مون کي ان جي ڪا پرواهه ناهي ۽ اهي جهنم ۾ وڃن تڏهن به مون ان جي ڪا پرواهه ناهي." (مسند امام احمد بن حنبل ج 6 ص 205 رقم 17676) تنهنڪري اسان کي جهنم کان پاڻ کي بچائڻ ۽ جنت الفردوس ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ اهو ذهن بنائڻو پوندو ته "مان سڌرڻ چاهيان ٿو" ان جي لاءِ پنهنجي اندر خوف خدا ۽ عشق مصطفيٰ پيدا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻي پوندي. **الله ربُّ العزّت** جي عنايت سان اسان گناهن کان بچنداسين ۽ نمازن، سنتن جي پابندي ڪنداسين، مدني قافلن ۾ سفر ڪنداسين، روزانه رات جو "فڪر مدينه" ڪندي "مدني انعامات" جو رسالو پُر ڪنداسين، ۽ پوءِ هر مهيني پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرائينداسين ته خدا عَزَّوَجَلَّ جي فضل سان ۽ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي سان جهنم کان بچي، جنت ۾ داخل ٿينداسين ۽ اها ئي اصل ڪاميابي آهي. سيپاري 4 سورهٔ ال عمران جي آيت نمبر 185 ۾ **الله** رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمان عاليشان آهي:

فَمَنْ زُحْزِحَ عَنِ النَّارِ وَاُدْخِلَ الْجَنَّةَ فَقَدْ فَازَ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** جيڪو باهه کان بچائي بهشت ۾ داخل ڪيو ويو سو مُراد کي پُهتو.

## سُڌرڻ جي لاءِ توبه ڪريو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بهرحال ان جي رحمت کان مايوس به نه ٿيڻ گهرجي ۽ اُن جي بي نيازي کان غافل به نه رهڻ گهرجي ۽ پاڻ کي سڌارڻ جي لاءِ هر وقت ڪوشش جاري رکڻ گهرجي. آئون اميد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

ڪريان ٿو تہ اسان مان هر مسلمان جي اها خواهش آهي تہ **مان سڌرڻ چاهيان** ٿو تہ جيڪي واقعي سڌرڻ چاهن ٿا اُهي پنهنجن اڳين گناهن کان سچي پڪي توبہ ڪري وٺن، بيشڪ **الله** عَزَّوَجَلَّ توبہ قبول ڪرڻ وارو آهي. ترغيب جي لاءِ توبہ جي فضيلت جي باري ۾ ٽي مبارڪ حديثون توهان جي اڳيان بيان ڪريان ٿو:

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **آهي:** (1) ”ٻانهو جڏهن پنهنجي گناهہ جو اعتراف ڪري ٿو پوءِ توبہ ڪري ٿو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي توبہ قبول فرمائي ٿو.“ (صحيح البخاري ج 2 ص 199 حديث 2661) (2) **حديث قدسي آهي: الله** عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: ”اي منهنجا ٻانهؤ! توهان سيئي گنهگار آهيو، سواءِ ان جي جنهن کي آئون سلامتي عطا ڪريان تہ توهان مان جيڪو اهو ڄاڻي ٿو تہ آئون بخشڻ تي قادر آهيان پوءِ اهو مون کان معافي گهري تہ آئون کيس بخشي ڇڏيندس مون کي ڪابہ پرواهہ ناهي.“ (مشڪٰوة المصابيح ج 2 ص 439 حديث 2350) (3) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **آهي: جيڪو هن طرح دعا گهري:**

اَللّٰهُمَّ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ، سُبْحٰنَكَ عَمِلْتُ سُوءًا وَظَلَمْتُ نَفْسِيْ فَاغْفِرْ لِيْ اِنَّهٗ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ اِلَّا اَنْتَ يعني ”اي **الله** عَزَّوَجَلَّ تو کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي، تنهنجي ذات پاڪ آهي، مون برا عمل ڪيا ۽ پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو، مون کي بخش ڪر ڇوتہ تو کان سواءِ ڪوبہ بخشڻهار ڪونهي.“ تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو آهي: آئون اُن جا گناهہ بخشي ڇڏيندو آهيان توڙي جو اُهي ماڪوڙين جي تعداد برابر هجن.“

(ڪنزالعمال ج 2 ص 287 رقم 5049)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (کنزالعمال)

## سنتيون سنتيون نيتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه تبارڪ و تعاليٰ توهان سڀني جي توبه قبول فرمائي، توهان سڀني جو ايمان سلامت رکي، توهان کي بار بار حج نصيب فرمائي، بار بار گنبذ خضريٰ ڏيکاري، مخلص عاشق رسول بنائي ۽ اهي سڀئي دعائون مون پاپي، بدڪار ۽ گنهگارن جي سردار جي حق ۾ به قبول فرمائي. همّت ڪريو ۽ اڄ کان ئي طئي ڪريو: "مان سڌرڻ چاهيان ٿو" تنهنڪري هاڻي منهنجي ڪابه نماز قضا نه ٿيندي..... اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، رمضان المبارڪ جو ڪو به روزو قضا نه ٿيندو........ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، فلمون، ڊراما نه ڏسندس........ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، ڳائڻ وڄائڻ نه ٻڌندس......... اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، ڏاڙهي ڪونه ڪوڙائيندس.......... اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، ڏاڙهي کي هڪ مٺ کان ڪونه گهٽائيندس......... اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ڪندس......... اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، روزانه فڪر مدينه ڪندي هر مهيني مدني انعامات جو رسالو پُر ڪندس ۽ هر مدني مهيني جي 10 تاريخ تائين پنهنجي علائقي جي ذميدار وٽ جمع ڪرائيندس.........
اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ.

الٰہی رَحم فرما میں سُدھرنا چاہتا ہوں اب
نبی کا تجھ کو صَدقہ میں سُدھرنا چاہتا ہوں اب

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت، شمع بزم هدايت، محبوب ربّ العزّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبّت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (تاريخ دمشق لابن عساکر ج 9 ص 343)

سينہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## "اثمد" جي چئن اکرن جي نسبت سان سرمي پائڻ جا 4 مدني گل

﴿1﴾ "سُنَنِ ابن ماجہ" جي روايت ۾ آهي: "تمام سرمن کان بهتر سرمو "اِثمِد" آهي جو تہ هي نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو". (ابن ماجه ج 4 ص 115 حديث 3497)

﴿2﴾ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي نيّت سان) مرد کي لڳائڻ مڪروھ آهي ۽ زينت مقصد نہ هجي تہ ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359)

﴿3﴾ سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنت آهي. (مِراۃُ المناجيح ج 6 ص 180)

﴿4﴾ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻہ (3) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻہ ٻہ ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218-219) اهڙي طرح ڪرڻ سان اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ٽنهي تي عمل ٿيندو رهندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تعظيم جا جيترا بہ ڪم هوندا هئا اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ساڄي پاسي کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري پهريان سرمو ساڄي اک ۾ ۽ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو. سرمي جي سنتن ۽ آداب جي باري ۾ تفصيلي معلومات حاصل ڪرڻ ۽ ٻيون سوين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 120 صفحن تي مشتمل ڪتاب "سنتون ۽ آداب" هديو ڏيئي حاصل ڪريو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو     لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو     پاؤ گے برکتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ماخذ و مراجع


| نام | مطبوعہ | نام | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| قرآن مجيد | مكتبة المدينہ باب المدينہ كراچی | شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت |
| كنز الايمان مع خزائن العرفان | مكتبة المدينہ باب المدينہ كراچی | احياء علوم الدين | دارالصادر بيروت |
| صحيح بخارى | دار الكتب العلمية بيروت | اتحاف سادة المتقين | دار الكتب العلمية بيروت |
| سنن ترمذی | دارالفكر بيروت | كيمياءِ سعادت | تهران |
| سنن ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | سوانح كربلا | مكتبة المدينہ باب المدينہ كراچی |
| مسند امام احمد | دارالفكر بيروت | اشعة اللمعات | كوئٹه |
| حلية الاولياء | دار الكتب العلمية بيروت | مراة المناجيح | ضياءُ القران پبليكشنز لاهور |
| مشكواة المصابيح | دار الكتب العلمية بيروت | تذكرة الاولياء | انتشارات گنجينه تهران |
| كنزالعمال | دار الكتب العلمية بيروت | تنبيه المغترين | دارالبشائر بيروت |

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي.** (عبدالرزاق)

# فهرست


| | |
|---|---|
| نفاق ۽ ٻاهہ کان ڇوٽڪارو | 1 |
| جنت کپي يا دوزخ؟ | 2 |
| آخرت جي تياري | 3 |
| روشن مستقبل | 3 |
| انوکو حساب | 4 |
| نہ ندامت جو احساس آهي نہ خدا جو خوف | 5 |
| ننڍپڻ جو گناهہ ياد اچي ويو! | 6 |
| ننڍپڻ جي گناهہ کي ياد رکڻ جو نرالو انداز | 7 |
| ناقص نيڪين تي وڏائي ڪرڻ | 7 |
| نيڪي ڪري وساري ڇڏيو | 7 |
| اڄ "چاچا" ڪيو؟ | 8 |
| فاروق اعظم جي عاجزي | 8 |
| قيامت کان پهريان حساب | 9 |
| محاسبو ڇا کي چئبو آهي | 9 |
| ڏيئي جي مٿان آڱوٺو | 10 |
| ڪڏهن مٿي نہ ڏسندس | 11 |
| جيڪڏهن جنت کان روڪيو ويو تہ! | 12 |
| هٿڪڙيون ۽ سنگهرون | 13 |
| ساهہ جي لڙهي | 14 |
| بي عمل بيوقوف هوندو آهي | 14 |
| جهنم جي دروازي تي نالو | 15 |
| ناداني جي انتها | 17 |
| مغفرت جي تمنا ڪڏهن بيوقوفي آهي؟ | 17 |
| جوَ پوکي ڪڻڪ لڻڻ جي اميد ناداني آهي | 18 |
| جهنم جو ٻج ڇٽي، جنت جي فصل جو انتظار | 19 |
| مصيبت باعثِ عبرت آهي | 19 |
| الله! روزي ڏيڻ وارو آهي پوءِ بہ . . . | 20 |
| الله هر هڪ جي بخشش جو ذمو ناهي کنيو پر | 21 |
| الله بي نياز آهي | 21 |
| سُڌرڻ جي لاءِ توبہ ڪريو | 22 |
| سٺيون سٺيون نيتون | 24 |
| سرمي پائڻ جا ۴ مدني گل | 25 |


## هي رسالو پڙهي ڪري ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبۃ المدينہ جا شايع ڪيل رسالا ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفلٽ تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراهڪ کي بہ ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار فروشن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي محلي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد سنتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفلٽ پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

